# ساس سٽِي سکر.ڪام

## ڊجيٽل بوڪ پبلشر

www.sascitysukkur.com

## ايڊيٽر



## عبداللطيف انصاري

# سچُ الائي ڪٿي ڪِري پيو...

## وِمي سَدا رنگاڻي

سي ادبي سنگت شاخ سٽِي سکر

ڊجيٽل پبليڪيشن

سکر سنڌ

www.sascitysukkur.com www.ebooks.sascitysukkur.com

# هي ڪتاب ....

ومي سدارنگاڻي ، هند ۾ سنڌ جي اها شاعره آهي ، جنهن ننڍڙي وهيءَ ۾ ئي ايترا ته پختا ۽ من کي ڇُهندڙ نظمَ سنڌي ٻوليءَ کي ڏنا جو 1994 ۾ جڏهن هوءَ انڊيا جي سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي وفد سان سنڌ جي دؤري تي آئي ته لڳ ڀڳ سنڌ جي پوري ادبي دنيا هن جي نالي ۽ نظمن کان واقف هئي. وميءَ جو ڪتاب مون کي سائين اياز گل جڏهن گفٽ ڪيو ته مان هن جا نظمَ پڙهي ڪافي انسپائر ٿيو هيس. وميءَ جا نظمَ دنيا جي ڪنهن به ادبي ميڙ ۾ هند ۽ سنڌ جي نمايان نظمن طور فخر سان پيش ڪري سگهجن ٿا. سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سِٽِي جي ڊجيٽل لائبريري تي وميءَ جو ڪتاب آن لائين ڪندي بي انتها خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. ۽ اسان جي پوري ڪوشش هوندي ته اسان اوهان کي سنڌيءَ جا تمام سٺا ڪتاب اي بوڪس طور پيش ڪيون ۽ ان سلسلي ۾ اسان جي جدوجهد سنڌي ڪتابن جي هن لسٽ مان ڪري سگهجي ٿي.

**ساس ٽيم**

**When Hitler will be fast asleep.**
**Gandhi in deep trance,**
**spinning his wheel.**
**That's when,**
**We shall play hide and seek.**

( Sindhi Poetess Vimmi Sadarangani)

# (ليکڪا جو مختصر پروفائيل)

# وِمي سدا رنگاڻي

15 اگسٽ 1971

اَجمير (راجستان)

ايم اي

(سنڌي،هندي ، ايڪانامڪس)

1995 کان تولاڻي آرٽس ۽ سائنس ڪاليج ،

آديپور (ڪڇ)

۾ سنڌيءَ جي ليڪچرار

*Contact:*
'Vibha' 263, Ward 4-B
Adipur (Kutch) 370 205
Gujrat India
*Ph:* 0091 2836 262268
*Email:* vsadarangani@hotmail.com

# تون سُڪل گل آهين.

تون سُڪل گل آهين
جڏهن ٻہ وِهندو آهين
پر ۾
تنهنجو ڪونہ ڪو پن ڇڻي پوندو آهي.
منهنجي نوٽ بوڪ جي پنن ۾
سڪل پنَ
جمع ٿيندا پيا وڃن.
ائين ڪرڻ ئي آهي
منهنجي وَس.

# سوداگر آهيون اسين.

سؤداگر آهيون اسين
هڪ ڪان سپنا خريد ڪرڻ لاءِ
پئي جا سپنا
وڪڻي ڇڏيون ٿا.

# لڪي تنهنجو نالو

روز
اسان جي پيار جي گلاب جا پن
هڪ هڪ ڪري ڪُلن ٿا.
ڪنهن پن جي ڪناري تي
لکي تنهنجو نالو
دبائي ڇڏيندس ڪتابَ ۾.

وشواس اٿم
ته چوڌاري ويڙهيل بدبوءِ کان گهبرائجي
جڏهن جڏهن
ڪتاب جا پنا اٿلائيندس،
تنهنجو نالو مون کي واسي
نرمل ڪري ڇڏيندو.

# ڪنڊا لڳي ويا آهن

وَلِ
ٻيرَ تي ڇائنجي وئي آهي.
ٻيرَ جا ڪنڊا
لڳي ويا آهن.

# مِينهن وَساڙو سانت آهي.

مان پنهنجون
وهندڙ اکيون کٽي
سُڪل آسمان کي ڏسندو رهان تو،
پُلَ
منهنجي ئي هئي.
گذريل برسات ۾
مِينهن وساڙو کٽي
پوري چڏيو هوم
ماچيس جي دٻيءَ ۾
گهر اندر پڳس
ڪتابن جا شيلف اٿلايم
پلنگ جي پاسي واري
دراز کي ڏونڌاڙيم
هڪ ڪنڊ ۾ لڪل
ماچيس جي دٻي هٿ ڪيم
دٻي کلي.
مينهن وساڙو شانت آهي،
شايد ننڊ پيو ڪري.
ماچيس جي دٻيءَ کي لوڏيان تو
دٻيءَ ۾ پريل واري
مينهن وساڙي کي چنبڙيل آهي
اجام ڪَرُ چو نہ تو موڙي؟

# لفظَ دوڪو ڏين ٿا

اِهي تہ اسين آهيون
جيڪي بُکَ هجڻ تي چئون ٿا
”بک ڪانهي“
يا
بک نہ هجڻ تي فرمايون ٿا
”ڏاڍي بکَ آهي“
لفظن کي ڪانٽي سان جهلي جهلي
اٽڪايون ٿا چاهيل هنڌَ تي

پوءِ چئون ٿا
”لفظَ دوکو ڏين ٿا“.

# ڪيسي ۾ اکيون تہ سلامت رهنديون

گهرجَ اتم
هڪ ننڍڙي ڪيسي جي
ويهي رهان انَ ۾
ٽنگون ٻانهون سوڙهيون ڪري
جي ڪيسي ۾ ايتري جڳهہ بہ نہ هجي
تہ وجهي ڇڏيان
ان ۾ پنهنجون اکيون
ٻاهرين دنيا ۾ هٿ پير
ڀلي سلامت نہ هجن....
ڪيسي ۾ اکيون تہ سلامت رهنديون!
خير
اکيون سلامت هونديون بہ
تہ ڇا ٿيندو؟

اکيون ڏاڍيون بي چيون آهن.
هر ڪيسو ڦاڙي ٿيون ڇڏين تيز ڇُرين سان،
يا چيرن مان سري پري اُڇل ڏيئي
نڪري ٿيون اچن.

اهو سڀ ڏسن ٿيون

جيڪي ڏسڻ سان
انڌيون ٿي سگهن ٿيون.
اُهو ڪي ٻڌن ٿيون
جيڪو ٻڌڻ سان ٻوڙيون ٿي سگهن ٿيون.

حيرت آهي
اڄان انڌيون ڪانه ٿيون آهن
ٻڌڻ جي طاقت به اڃا بچيل

هاڻي هڪ وڏو ٿيلهو ڪپيم
چمڙي جو
جنهن جي اندر
انهن کي سوگهو رکان.
بس ڪيڏي
نڪرنديون رهن ٿيون
هر ڪيسي مان......
هر ٿيلهي مان.....

# مون کي ڇڏي ڏي.

تو چيو هو
”مون کي ڇڏي ڏي“
۽
..........
۽
.........
مون
تنهنجو
هٿ وڏيڪ مضبوطيءَ سان
پڪڙي ورتو هيو.

# ڊِپيل قدمن سان

ٽرين ليٽ آهي
گهر پري آهي
فون ڊونداڙتو آهي.

گاڏيءَ مان لهي
اسٽيشن ٻاهر
ڏاڪا لهان تو

ٻاهر آهي
چانهه جو ننڍڙو گاڏو،
ڪپڙي جي نالي تي ڪجهه
پاتوتہ آهي چانهه واري.
ٻاتيءَ مان نڪرندڙ ٻاڦ بہ
سندس سرير کي تتي پهچائي سگهي
گرمائش.

پڪڙ وارو هٿ ڪنبي رهيو آهي.
مان ايئن تو هلان

چڻ مون هن کي ڏٺو ئي ناهي.
سندس اڳيان ڊيپل قدمن سان لنگهي ويان تو مان.
هو رنگ برنگي ڪوپن ۾
چاڙي پيو چانهه.
سندس ڏيان مون طرف ناهي.

مان پنهنجي شالَ
سوگهي ويڙهي چڏيان تو.

# لفظن کي گهمڻ ڦرڻ ڏي

لفظن کي سميٽ،
کين گهمڻ ڦرڻ ڏي
کليل هوا ۾
انهن جو
وات
بند ڪندين
ته
هو
اکين سان سڀ ڪجهه چئي ڏيندا.

# اکين ۾ ترن ٿا بادلَ

سفيد اکيون
سُڪل وات
آسمان تي ٽنگيل پرون.
پٽيءَ سان لڳل پيٽ
ڇپي ٿيل ڇيلھ
مئل من.
ھاڻي
اکين ۾ سپنن بدران
ترن ٿا
بادل....

# اسان کي ٻه گھرجي ٽُڪرُ آسمان

اسان کي ٻه گھرجي
ٽُڪر آسمان
ٻه گرانٺون زمين
چار مُٺيون ڪڻڪ
بنا ٿونگن جي چادر....
پر رهڻ ڏيو
انهن مان ڪجھ ٻه
اسان کي
نہ ڏجو
اسين جيئرا آهيون
ڇو جو اسان وٽ
انهن مان ڪجھ ٻه ڪونهي.

# پيارَ سان ڪينچيل لِيڪَن ڪي

مون پاڻيءَ تي ڪي ليڪا ڪڍيا
اڳريون ڦري رهيون هيون
اکيون بند ڪري
آواز ٻڌڻ جو انتظار هئم
تہ اجهو پَرَ ڦڙڦڙائيندو
گلابي سُرخاب ۽ مان
اکين جي مرڪ
چپن تي محسوس ڪندس.

اکين جي مُرڪَ
چپن تائين جو مفاصلو طئي ڪري
ڪانہ سگهي
ان کان اول ئي
وحشي ٿهڪ
گرم ميڻ جيان
ڪنن مان لگهندا
ساڙي ويا سيني کي
اڳريون بند اکين سان
ڳولهينديون رهيون
پيار سان ڪينچل
لِيڪن کي.

# جاڳي چنڊ، سمهي صبح

اُپ ڦهليل
سوڙهو من.
سانت ندي
ڦتڪي سانجهي
جاڳي چنڊ
سمهي صبح
لڪ چپ رات
چُپ چُپ اکيون.
سَهميل چَپ
سِبيل زبان
ڪُرونڊڙي نظر
موڙي ڪَرَ
پٿَر بڻي.

# جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي...

جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي
سپاهي پنهنجي ماءُ جا پيرَ چهندو آهي
پنهنجي زالَ ڏانهن سِڪَ سان نهاريندو آهي
پنهنجي ٻارَ جي پيشاني چمندو آهي...

جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي
سپاهي موت جو سامان پاڻ سان کڻندو آهي
ٻمَ ۽ مسائل پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌندو آهي.
پاڻ کي سخت دل ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي

جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي
سپاهي لڙائيءَ جي ميدان تي پهچندو آهي
پنهنجي وطن کي بچائڻ لاءِ وڙهندو آهي....

جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي
ڏينهن گذرندو آهي ۽ رات گذرندي آهي
ڌرتي ڳاڙهي هوندي آهي

آسمان ڳاڙهو هوندو آهي
۽ ڳاڙهي رنگ کان سواءِ ڪجهه ڪونه بچندو آهي...

جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي
سپاهي اڪيون پوتي مشڪندو آهي
هو دنيا ۾ شانتي آڻڻ لاءِ جيئندو آهي
هو دنيا ۾ شانتي آڻڻ لاءِ جنگ ڪندو آهي
هو دنيا ۾ شانتي آڻڻ لاءِ مرندو آهي
۽ آخر ۾ شانتيءَ جي دنيا ۾ هليو ويندو آهي....
جڏهن اهو ڏينهن ايندو آهي.

# مان ٿي آهيان توهان جي آخري اميد

مون کان پڇو تہ ڇا ٿيندي آهي دهشت؟
مون کان پڇو تہ ڇا ٿيندي آهي دهشت گردي؟
مون کان پڇو تہ ڪير ٿيندا آهن دهشت گرد؟

مان ان پيءُ جو پٽ آهيان
جنهن ساهہ ڇڏيو
انَ گوليءَ ڪي گلي لڳائي
جيڪا ان لاءِ تہ ڪونہ ٺهي هئي
هُو تہ هڪ امن پسند شخص هو.

مان ان ماءُ جو پٽ آهيان
جنهن ڦٽڪي ڦٽڪي جان ڏني،
ڪنگهي ڪنگهي اکيون پوٽيائين
انهيءَ بنڪر ۾
مان ان لاءِ دوا بہ نہ آڻي سگهيس.

مان ان ننڍڙي ڀيڻ جو ڀاءُ آهيان
جيڪا پئي آهي زمين تي آسمان هيٺ،
ان جي مٿان پيل آهي دهشت جي چادر،
۽ هيٺيان وڇايل آهي بارودي سُرنگ،

هو ڊپ کان بي خبر
سندس معصوم اکين ۾ سمايل آهي
ٻاراڻي شرارت
هوءَ جاڳندڙ اکين سان خوابُ پيئي ڏسي
ماءُ جي هنجَ جو، کيرَ جو، بسڪوٽ جو،
چاڪليٽ جو، ڦوڪڻ جو...
مان ٻہ ڏسان پيو خوابَ
روٽيءَ جا، پاڻيءَ جا، روشنيءَ جا،
سانت هوا جا، ڪليل دريءَ جا....
مان لڪو ويٺو آهيان هن ڪوٺڙيءَ ۾
گذريل چئن ڏينهن کان،
پنهنجي ننڍڙي ڀيڻ کي
پنهنجين ٻانهن ۾ ڀري،
ڪير تہ مون کي ٻڌائي،
سجَ جي روشني ڪهڙي هوندي آهي؟
چنڊ جي چانڊوڪي ڪهڙي هوندي آهي؟
جبلَ ڪيترا اوچا هوندا آهن؟
گل ڪهڙن رنگن جا هوندا آهن؟
ائين چو تو لڳي مون کي،
تہ مون ڪڏهن
ڏٺو ئي ناهي سج،چنڊ، جبل، گل.................

توهين پڇو ٿا ڪير آهيان مان؟
ڪهڙي ملڪَ جو رهواسي آهيان؟
تہ ٻڌو،
مان ٻارُ آهيان هندستان جو،
مان ٻارُ اهيان پاڪستان جو،
مان ٻارُ آهيان آمريڪا جو،

مان ٻارُ آهيان افغانستان جو،
مان ٻارُ آهيان بوسينيا جو،
مان ٻارُ آهيان پيليسٽائين جو،
مان ٻارُ آهيان سڄي دنيا جو،
سڄي دنيا منهنجي آهي.
ڪير ته مون کي ٻڌائي ته
آخر اها ڪهڙي شانتي آهي
جنهن کي آڻڻ لاءِ
ضرورت آهي لڙائيءَ جي !
رَتُ جي،بندوقَ جي،
ها، سچ آهي ته ان سڀ سان
شانتي ايندي هڪ ڏينهن
۽ اها هوندي آخري شانتي.

بس،
باقي هڪَ ئي ڳالهه چوڻي آهي اوهان کي،
”مون کي مرڻ نه ڏجو!“
”مان ئي آهيان اوهان جي آخري اُميد......“

# پيار تولاءِ پاڇي ماني

بس نہ !
پيار اِتي ئي
پورو ٿيو تنهنجو،
پيار تولاءِ پاڇي ماني،
مون لاءِ هوا ، پاڻي،
پاڇي مانيءِ کان سواءِ
تون تہ جيئرو رهندين
هوا - پاڻيءَ بنان
مان تہ مري ئي ويندس.

# مون ريتيءَ ۾ گل چِٽيا

مون ريتيءَ ۾ گلَ چِٽيا
پيارَ سان
هٿ ڦيرايم
ٽڙي پيا.

مون هوا ۾ پکيءَ جو عڪس ڪڍيو
پيارَ سان
نهاريم
اڏامي ويو.

# بادلن وانگر رنگ مٽائڻ واري ڇوڪري

بادلن وانگر رنگ مٽائڻ واري
ڇوڪري
پنهنجي ٽونٽ منهنجي ٻانهن سان
ڇُهائي لنگهي وئي ٿي
سندس ڪنَ
منهنجي پُٺيءَ تي چنبڙي پيا آهن
مان سندس ڪَنَ ڇڪي
پنهنجي اڳيان آڻيان ٿو.
سندس ڪنن ڪان منهنجي اکين
تائين جو سفر
بنان ڪنهن آواز جي پورو ٿي وڃي ٿو.

# پنهنجي فتح قبول ڪئي

تون جڏهن
دنيا جي سامهون
ڪجھ ڪري ڪونہ ڏيکاري سگھئين
تہ
تو مون کي جھڪائي
پنهنجي فتح قبول ڪئي.

# رڳو نالو ئي بچيو آهي ـ ”گل“

تو گل کي ڇُهيو
تہ هن تو کي پنهنجي پنن سان ڳڍ
پنهنجا رنگ بہ ڏيئي ڇڏيا
پنهنجي خوشبوءِ پري ڇڏيائين تو ۾ ،
تو گل ڦٽو ڪري ڇڏيو.
هاڻي
گل وٽ نہ رنگ آهي
نہ خوشبوءِ
رڳو نالو بچيو آهي ـ ”گل“.

# پوکڻ کان ڊپ ٿو ٿئيم

تنهنجا ڏنل ٻج
پوکڻ کان ڊپ ٿو ٿئيم
ڌرتيءَ ۾ ننڍڙا
معصوم ۽ پورڙا اهي ٻج
اندر ۾ لڪائي ويٺا آهن
وڏو طوفان
هڪ ڪرانتي
هڪ شانتي .....
ڦٽڻ کان پوءِ
الائي ڪهڙو ڦل ڏيندا ...
ڌرتيءَ جي سگهه ناهه مون ۾ .
ان ڪري ٻج سوگها پيا هجن
اهو ئي بهتر آهي ...

# منهنجا پيلا زرد پن

پيارا جِهرڪَ !
تون پلي منهنجيءَ هنج ۾ اچي ويهه ،
منهنجي ڪنهن ٽاريءَ تي متو رکي بي خوف
ليٽي پئه ،
برسات کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪنب سهيڙي
سمهي پئه .
شڪاريءَ کان بچڻ لاءِ منهنجي ڇاتيءَ ۾ منهن
لڪائي ڇڏ
زندگيءَ کي ڪا شڪل ڏيڻ لاءِ
منهنجي آغوش ۾ گهر ٺاهه .

پر منهنجو هڪڙو عرض مڃ
پيارا جهرڪَ !
منهنجي پيلن پنن کي نہ چِڻ.
هنن سان مون کي آهي
اوترو ئي پيار
جيترو لڱاءُ توکي آهي
پنهنجي سهڻن کنڀن سان .

مڃان ٿو
تہ منهنجا پيلا زرد پن
ڪرڻا تہ آهن ئي زمين تي .
پر تون زوريءَ نہ ڇن ، پيارا جهرڪَ !
منهنجي پيلا - پن.

# اهو تہ ممڪن ناهي

منهنجي ٻاهرين دنيا
بس اوتري
جيتري نظر اچي ٿي
منهنجي ڪليل دريءَ مان
منهنجي
اندرين دنيا ڏسڻ لاءِ
تو کي گھرڻو پوندو
منهنجي اندر ۾
مان چاڻان ٿي
تہ اهو تو لاءِ ممڪن ناهي.

# تہ تو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو!

تو
گلاب
توڙي ورتو
۽ ان جو نالو
موتيو رکي ڇڏيو
هاڻ مون کان تو پڇين
تہ تو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو !

# پنهنجي ڪمري ۾

چوڪري
گهر جي سڀ ڀاتين کي خوش ڪندي ڪندي
ٿڪجي پوي ٿي ....
ٿڪل قدمن سان
هوءَ گهڙي ٿي پنهنجي ڪمري ۾

سندس اکين جي اداسي
ڀت تي ٽنگيل
پوسٽر واري
چوڪريءَ جي
مرڪندڙ اکين ۾ گهڙي وڃي ٿي.

# منهنجي چپن تي آلاڻ

باديل !
منهنجي ويجهو نہ اَچُ
تو کي ڇُهڻ کان سواءِ
رهي نہ سگهندس.

تنهنجي ۽ پنهنجي
وچَ جو
آسمان هٽائي
چُمندس تو کي
۽ منهنجي چپن تي
آلاڻ کان سواءِ
پيو ڪجھ ڪونہ بچندو.

# پاڻ کي سائو سمجهڻ لڳو آهي

سُڪل وڻَ مٿان
وَلَ
ڏيرو ڄمايو آهي

۽
سُڪل وَڻُ
پاڻ کي سائو سمجهڻ لڳو آهي !

# هتي توکي ڪير ڪونه ڏکائيندو

ماڻهن وچ ۾
ننڍڙو پيلو پوپٽ
ڦاسي پيو آهي .
هن جي مٿي تان
هُنَ جي مٿي تي.
هن جي ڪلهي تان
هُن جي ڪلهي تي .
چڪر پيو ڏئي بس
هر ڪو هٿَ سان
ڪيس پري تو ڀڄائي ڇڏي

پوپٽ
منهنجي وارن تي اچي ويٺو آهي
مان ڪيس آتت ڏيڻ چاهيان ٿي
تہ تون گهبراءِ نہ
هتي تو کي ڪير ڪونہ ڏکائيندو

ان کي سهلائڻ لاءِ وڌيل هٿ
واپس موٽي اچي ٿو
صرف ٽيڏي اک سان
مان ڪيس نهاريان ٿي
هو اڏامي ٿو وڃي.

# ۽ منهنجو ساهہ گهُٽجي ويو

مون تہ تو ڪان ڪجھ ڪونہ پُڇيو
بس
ڪرونڊڙي تي ويس
تنهنجي ياڪرَ ۾
تنهنجو سوڙهو ٽيندڙ ياڪر
مون تنهنجو پيار سمجهيو
خبر ئي ڪانہ پيم
۽ منهنجو ساهہ گهُٽجي ويو.

# پيار منهنجي ڪوتا مان نڪري ئي نٿو

منهن ڦيرائڻ جا سڀ جتن اجايا ويا
پيار منهنجي زندگيءَ مان
تہ نڪري ويو آهي
پر مئو
ڪيڏي بہ ڪوشش ڪريان
منهنجي ڪوتا مان نڪري ئي نٿو .....

# ٿانڊوا اُڏامي ويو

همت ڪري
هٿ وڌايم
۽ جهپي ورتم هوا ۾ ترندڙ
گل ڳاڙهي کي
ڪٿي اڏامي نہ وڃي
گم نہ ٿي وڃي هوا ۾
اهو سوچي ان کي مُٺ ۾ لڪائي ورتم
ڳاڙهو گل
بدلجي ويو ٽانڊي ۾

ترِيءَ ۾ پوسر ٿي
تہ مٺ کولي ڇڏيم
ٽانڊو اڏامي ويو.

ڳاڙهي گل جو آهي
يا
ڳاڙهي ٽانڊي جو؟
ترِيءَ تي هيءُ نيشان.

# ساٿ نہ ٿو وٽي تنهنجو.

تو کي ڪتي نہ ڳولهيم
ڳولهيندي رهيس
روئندي رهيس
ڳولهيندي رهيس
تپندي رهيس
ڳولهيندي رهيس
منهنجي بي چيني ڏسي
الائي ڪٿان
تون ٻاهر نڪري آئين
پر هاڻي
ساٿ نہ ٿو وٽي تنهنجو
نسن ۾ سمائجي وئي آهي
لڪ چپ راند.

# بادل منهنجا دوست آهن

بادل منهنجا دوست آهن
ضرورت پويم جڏهن
مڙي ايندا آهن منهنجي آس پاس
اڪيلي ٿيان ته ويڙهي ويندا آهن
منهنجي اڪيلائپ جي هر ڪندَ ڪي،
ٿوت ٿيڻ لڳندي آهيان
ته پاڻ کي خالي ڪري ويندا آهن
مون مٿان
آلي هجان ته مون کي ڇُهي
ڪجهه آلاڻ وٺي ويندا آهن
ڪنهن کي آلو ڪرڻ لاءِ.

# منهنجو هٿ واپس موٽي آيو

وئڪيشن جا گهٽا ئي ڏينهن
ٻاهر
گذارڻ ڪان پوءِ
موٽيس پنهنجي گهر
ياد آيم پنهنجا ڪتابَ
تڪڙا قدم
۽ سامهون ڪتابن جو شيلف
بي ترتيب ڪتاب
شڪل تي اڻ وڻندڙ اظهار جاڳيو
پڪ ئي آهي اها ڪوئن جي شرارت ...
ڪتاب جو پهريون ٿهو جهڪيل هو
ٽئين ٿهي مٿان
وچين ٿهي تي پيا هئا
ڪک پن ۽ ڪي اگهڙيون
صفائيءَ لاءِ هٿ وڌايم
ڪنن تي ڪنهن جي ننڍڙي چيخ پيئي
اوهه ڪاري جهرڪيءَ جو ٻچو !
منهنجو هٿ واپس موٽي آيو...

ٻچو ته وڏو به ٿيو..
اُڏامي به ويو...
پر

هٿ اچان ٿو اڳتي وڃڻ ڪان ناڪاري ٿو ...
ڪتابن جي وچ ۾
اچان ٿو محفوظ آهن
ڪڪ پن ۽ اڳڙيون.

# منهنجي اندر ۾ ڪنڌا اڀري ٿا اچن

هوٽيل ۾
جِن وانگر بوتل ۾ قيد مان
ٽي ويءَ تي اسڪرينون بدلجي رهيو آهن
منهنجو من ٻيٽو آهي اُتي ئي
يا وري چوان ته بيهي ئي نه ٿو.
سليپر پائي
سوڙهي ڏاڪڻ تان لهي ٻاهر نڪران ٿي

ڏاڪڻ جي ٻنهي طرف
جوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرين جو ميڙ آهي
منهنجي اک وري ٿي
هڪ ڇوڪريءَ تي
بدن جا نقش ڏيکاريندڙ پاٽيءَ جهڙا ڪپڙا
ڇهري تي چڙهيل هڪ ته
هڪ هٿ چيلهه تي
۽ وارن کي سنواريندڙ ٻيو هٿ
منهنجي ڏسندي ئي ڏسندي
رستي تان لنگهندڙ
هڪ مرد جو هٿ جهلِي هوءَ هلندي ٿي ٿئي
منهنجي اندر ۾ ڪنڌا اُڀري ٿا اچن
مان بدحواس ڏاڪڻ تي چڙهي وڃان ٿي.

# گم ٽيل پيار ڪي

اسان ڪي شڪر گذار هئڻ گهرجي
آئيس ڪريم جي ڪمپنين جو
جيڪي
”ساجن سجني“
”لٽل هارٽس“
”سويٽ هارٽ“
نالن ذريعي
اسان مان گم ٿيل
پيار ڪي
وري ڳولهڻ جي ڪوشش پيون ڪن.

# انهن کي بد زيب نہ ڪر

توکي
تہ ڪڏهن ڦٽو ڪيو هئم
پنهنجي زندگيءَ مان،
هاڻي
منهنجي خوابن ۾ اچي
انهن کي بد زيب نہ ڪر.

# ٻيِر جي هڪ ٽاري

لهرائيندڙ ڪپڙا
ڪڏهن ڪڏهن ڪلهن جو
ڇُهڻ
اکين ۾ ڏي وٺ
ڪاليج جي ڪنڊ.

گولائيءَ ۾ پيل ٽي بينچون
منهنجي پر ۾ ويٺل ڪوئي
اڪيلائيءَ جو احساس
ڪنهنجي ساٿ جي ضرورت

بينچ جي پٺيان
اُيري آيل
ٻيُر جي هڪ ٽاري
وڌي آئي آهي مون طرف

مون آهستي سان
ٽاريءَ کي ڪٽي
پنهنجيءَ هنج ۾ رکي ڇڏيو.

# رستي تي ڊڪندڙ

رستي تي ڊڪندڙ
نوريئڙي ڪي ڏسي
گاڏيءَ کي بريڪ هڻان تي
تڏهن آتت ملي تو تہ
منهنجي اندر ڪوئي جيئرو آهي

پنهنجي قيمتي ڪتابن جي وچ ۾
جهرڪيءَ کي آرام سان
ڪک پن سجائڻ ڏيان تي
تڏهن من مجي تو تہ
منهنجي اندرڪوئي ساهه کڻي رهيو آهي.

ڪتي جي ٻچي جي ”ڪون ڪون“ ٻڌي
سڀ ڪم اڌ ۾ ڇڏي
در تائين ڊڪندي وڃان تي
تڏهن پڪ ٿئي تي تہ
”مان“ جيئري آهيان

دريءَ تي ويٺل ڪبوتر
مون ڏانهن نهاري
هڪ دم اُڏامي ويو
۽ رڙ نڪري وئي منهنجي
تڏهن ڀلو ساهه چوندو آهي ته
اندر ڪوئي جيئرو آهي.

# ڪوتا ناهي هيءَ

ڪوتا ناهي هيءَ
ٻاهر جيڪي اچي ٿي
اُهو ڪوتا ناهي
ٻاهر اچڻ تائين
صرف لفظ
ڪوتا اندر رهجي وڃي ٿي ڪٿي.

# سڄ ﮦ الائي ڪتي ڪِري پيو

ڪلهه رات
ڪوتائن جو قافلو
لنگهيو منهنجي پرسان

ڪنهن
منهنجي چنڊ جي چادر ڇِڪي ورتي
ڪوئي سڏڻ آيو هو مون کي
پر تارن ته دروازو ئي بند ڪري ڇڏيو
رئي تي ٽاڪيل سڀ ستارا
پٽي مون موٽائي ڏنا آسمان کي.

منهنجن وارن ۾ اٽڪيل
سڄُ الائي ڪِتي ڪِري پيو.




# ومي سدا رنگاڻي